# سيڪريٽري تعليم جو پيغام

هڪ مهيني کان وڌيڪ عرصو گذري چڪو آهي، جنهن ڏينهن کان مون اسڪول ايجوڪيشن کاتي جي سيڪريٽري جو عهدو سنڀاليو آهي، ان ڏينهن کان وٺي منهنجو تمام گهڻو مصروف وقت گذري ٿو. جڏهن ته صوبي ۾ لاڳو ڪيل تعليمي ايمرجنسي کي موثر بڻائڻ سبب ڏينهون ڏينهن وڌيڪ مصروف ٿيندو پيو وڃان. انهيءَ مختصر عرصي دوران تعليم کاتي کي درپيش ڏکيائن بابت مون تفصيلي طور جائزو ورتو آهي. اسان تعليم کاتي کي موثر بڻائي ان ۾ نمايان سڌارا آڻي سگهون ٿا پر ان لاءِ اسان کي سڀ کان پهرين مثبت ترجيحات ۽ اهميت جوڳا حدف مقرر ڪرڻا پوندا.

انهن سمورن مسئلن کي منهن ڏيڻ ۽ ان کي اثرائتي انداز ۾ بدلائڻ لاءِ مون کي هڪ مضبوط ٽيم گهربل آهي ۽ سمورن لاڳاپيل ڌرين جي تعاون جي ضرورت آهي. خاص طور تي استادن ۽ يوسي، تعلقي ۽ ضلعي سطح تي ڪم ڪندڙ سمورن عملدارن جي سهڪار جي وڌيڪ ضرورت آهي اچو ته سڀ گڏجي تعليم جي بهتري لاءِ ڪم ڪريون ۽ ان کي هڪ نوڪري سمجهڻ بدران پنهنجو مقصد بڻائي ڪم ڪريون.

مون مختلف کاتن ۾ سيڪريٽري طور خدمتون سرانجام ڏنيون آهن پر تعليم منهنجي دل جي ويجهو آهي. ان ڪري منهنجي دلي خواهش آهي ته تعليم کاتي ۾ اهڙن مثبت لاڙن کي متعارف ڪرايون، جيڪي سموري صوبي (خاص طور تي سهولتن کان وانجهيل ۽ ڏورانهن علائقن) جي شاگرد تي مثبت اثر ڇڏي سگهن. جيڪڏهن آئون ائين ڪرڻ ۾ ڪامياب وڃان ٿو ته سچ پچ اهو منهنجي لاءِ ڪنهن اعزاز کان گهٽ نه هوندو.

مون جيڪي فوري طور تي ترجيحون قائم ڪيون آهن، اهي هيٺ ڏجن ٿيون.

موجود فنڊن جو وقتائتو ۽ موثر انداز ۾ استعمال

استادن جي غير حاضري واري مسئلي تي ضابطو آڻڻ

ٻارن جي اسڪول ۾ داخلا ۾ واڌارو

پڙهائي کي اڌ ۾ ڇڏيندڙ ٻارن جي شرح ۾ گهٽتائي

اسڪولن جي انفرا اسٽرڪچر ۾ سڌارو وغيره شامل آهن. آئون پر اميد آهيان ته اهڙن قدمن سان تمام جلد اسان کي هڪ بهترين تبديلي ڏسڻ ۾ ايندي



**جمال مصطفيٰ سيد**

سيڪريٽري

اسڪول ايجوڪيشن ڊپارٽمينٽ

حڪومت سنڌ

پڙهندڙ ساٿيو..!

آئون "دي ريفارمز " جي ڇهين (سنڌي جي ٻئين) ڇاپي ذريعي اوهان سڀني کي گرمجوشيءَ سان ڀليڪار چوان ٿو. ريفارمرز جو ڇهون ڇاپو اوهان جي هٿن ۾ آهي. جنهن مان ثابت ٿئي ٿو ته اسان هر وقت تعليم کاتي ۾ رونما ٿيندڙ تبديلين ۽ سڌارن بابت اوهان تائين ڄاڻ پهچائڻ لاءِ ڪوشان آهيون.

نئون سال شروع ٿي چڪو آهي، جنهن لاءِ تعيلم کاتو پنهنجي حاصل ڪيل ڪاميابين جي روشني ۾ جديد طرز جي حڪمت عملي ذريعي سڌارن واري عمل کي جيئن جو تيئن برقرار رکڻ جو عزم ورجائي ٿو. "دي ريفارمرز" جي انهيءَ شماري ۾تعليم کاتي پاران تازو کنيل قدمن ۽ مختلف معاملن تي ٿيندڙ اڳڀرائي جهڙوڪ، سيڪريٽري تعليم جي صدارت هيٺ ضلعي سطح تي تعليمي ڪارڪردگي ۽ مسئلن جي جائزي لاءِ گڏجاڻيون، غير رسمي تعليم جي پاليسي تي ٿيندڙ اڳڀرائي، سنڌ ايجوڪيشن سيڪٽر پلان تحت مقرر ڪيل حدفن جي حصول لاءِ ضلعي سطحي تي تعليمي رٿائن لاءِ تربيتي ورڪشاپ، اسڪولن لاءِ مختص ڪيل (ايس ايس بي) بجيٽ جي استعمال بابت ورڪشاپ، اسڪولن ۾ ابتدائي تعليم لاڳو ڪرڻ بابت ريجنل سطح تي ورڪشاپ وغيره شامل آهن. تعليمي شعبو نئين سيڪريٽري تعليم جمال مصطفيٰ سيد جي اڳواڻي ۾ جاري سڌارن تي عملدرآمد کي يقيني بڻائڻ ۽ معيار واري عمل کي بهتر بڻائڻ لاءِ اڳي کان اڳڀرو آهي.

مقامي ماڻهن جي تعاون ۽ سندن بهتر شموليت سان اسڪولن کي وڌيڪ بهتر بنائڻ لاءِ ڪوششون جاري آهن. ان ڏس ۾ آئون پراميد آهيان ته اسان گڏيل ڪوشش ذريعي بهتر نتيجا حاصل ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿينداسين.



**فيصل احمد عقيلي**

چيف پروگرام مئنيجر

ريفارم سپورٽ يونٽ

# ”سڌري وڃو يا ڇڏي وڃو“:

## اسڪول ايجوڪيشن کاتي جو ڪنيل قدم

اسڪول ايجوڪيشن کاتي، حڪومت سنڌ پاران صوبي ۾ لاڳو تعليمي ايمرجنسي جي مقصدن کي حاصل ڪرڻ جي سلسلي ۾ اسڪولن کان غير حاضر رهندڙ ۽ روپوش استادن خلاف سخت ڪارروائي جو اعلان ڪندي ڄاڻايل استادن کي ڪنهن به قسم جي رعايت نه ڏيڻ جو فيصلو ڪيو ويو آهي. جڏهن ته اسڪولي انتظامن جي سڌاري لاءِ وڏي عرصي کان رڪاوٽ بڻيل استادن جي غير حاضري ۽ عارضي طور بند اسڪولن جهڙن مسئلن کي حل ڪرڻ لاءِ فوري قدم کڻڻ بابت غور ڪيو آهي. ٻئي پاسي صوبائي وزير تعليم ۽ سيڪريٽري استادن ۽ تعليم کاتي ۾ ڪم ڪندڙ عملدارن کي ”سڌري وڃڻ ۾ ئي بهتري آهي“ واري ڳالهه ڪندي خبردار ڪيو آهي ته اهي هاڻي دلي لڳاءُ سان ڪم ڪن نه ته ٻي صورت ۾ ڪارروائي لاءِ تيار رهن. ڇاڪاڻ ته کاتي ۾ ڪم ڪندڙ سمورا عملدار صوبي ۾ تعليم جي سڌاري لاءِ پنهنجي پنهنجي حصي جو اثرائتو ڪردار ادا ڪرڻ جا پابند آهن.

اسڪول ايجوڪيشن کاتي، حڪومت سنڌ پاران 2016ع جي آخر ۾ سمورن ضلعن جي لاڳاپيل عملدارن سان گڏجاڻين جو سلسلو شروع ڪيو ويو هو. اهڙين گڏجاڻين ذريعي لاڳاپيل ضلعي عملدارن سان اجلاسن ۾ تعليم جي حوالي سان پيش ايندڙ ڏکيائن جي حل ۽ سڌارن بابت معلومات جي ڏي وٺ ڪئي وڃي ٿي. اهڙين گڏجاڻين جو مک مقصد هر هڪ ضلعي سطح تي تعليمي ڪارڪردگي جو جائزو ۽ سڌاري لاءِ اپاءُ وٺڻ هو. اسپيشل سيڪريٽري (اسڪولز) عاليه شاهد جي صدارت هيٺ ٿيندڙ اجلاسن ۾ سمورا ڊائريڪٽر اسڪول ايجوڪيشن، لاڳاپيل ضلعن جا ڊسٽرڪٽ ايجوڪيشن آفيسر (پرائمري، ايليمينٽري، سيڪنڊري)، تعلقن جا تعلقي ايجوڪيشن آفيسر (پرائمري، ايليمينٽري، سيڪنڊري)، چيف مانيٽرنگ آفيسر ۽ ريفارم سپورٽ يونٽ جي عملدارن سان گڏوگڏ ڊائريڪٽر جنرل مانيٽرنگ اينڊ ايوليوشن پڻ شرڪت ڪئي. اهڙين گڏجاڻين کان پوءِ انهن اجلاسن ذريعي ڪنيل قدمن تي عملدرآمد جي جائزي لاءِ لڳاتار گڏجاڻيون منعقد ڪري اڳ ۾ ذڪر هيٺ آيل مسئلن ۽ ڪنيل قدمن تي عملدرآمد جي حوالي سان تفصيلي طور تي ڳالهه ٻولهه ڪئي وڃي ٿي. اهڙيون گڏجاڻيون اسڪول ايجوڪيشن کاتي جي سيڪريٽري جي صدارت هيٺ ٿي رهيون آهن، انهن گڏجاڻين دوران ڄاڻايل مسئلن جو جائزو وٺي ان جي فوري حل لاءِ لاڳاپيل عملدارن کي موقعي تي حڪم ڏنا وڃن ٿا.



“اسان جي پهرين ترجيح اها آهي ته هاڻي فقط انهن استادن کي ئي رکيو ويندو، جيڪي ٻارڙن کي پڙهائي سگهن ٿا. اسان نه رڳو اسڪول جي انفرا اسٽرڪچر جي خامين جي نشاندهي ڪندڙن جي حوصلا افزائي ڪنداسين پر فنڊن جي استعمال ۾ شفافيت واري عمل کي پڻ يقيني بڻايو ويندو. ان سان گڏوگڏ سمورن اسڪولن جي ٻارن کي اهڙيون اسڪولي عمارتون مهيا ڪري ڏينداسين، جنهن تي اهي فخر محسوس ڪندا.”

**ڄام مهتاب ڏهر**

وزير تعليم ۽ خواندگي

## 13 ضلعن جا روپوش استاد

### روپوش استاد ڪنهن کي چيو وڃي ٿو؟



جڏهن مانيٽرنگ اسسٽنٽ اسڪول جو دورو ڪن ته ان دوران استاد لڳاتار غير حاضر هجي ۽ هڪ مهيني جو عرصو گذرڻ باوجود استاد اسڪول ۾ نه آيو هجي. نه ئي وري اسڪول جي حاضري رجسٽر ۾ استاد جي حاضري لڳل هجي ۽ اسڪول جي هيڊ ماسٽر سميت ڪنهن لاڳاپيل اختيارين کان اڳواٽ موڪل وٺڻ کان سواءِ اهو استاد غير حاضر آهي ته ان کي روپوش استاد چئبو




## 13 ضلعن جا غير حاضر استاد

### غير حاضر استاد ڪير آهي؟



اهي استاد جن جي بائيو ميٽرڪ ذريعي تصديق ٿيل هجي پر اهي اسڪول مانيٽرنگ اسٽاف جي اسڪولن جي دوري دوران 70 سيڪڙو غير حاضر رهيا هجن، تن کي غير حاضر استاد چيو ويندو آهي



# ٻارن جي عالمي ڏهاڙي جي مناسبت سان تقريب




## اسڪول ايجوڪيشن ڊپارٽمينٽ پاران لياري ۾ ٻارن جو عالمي ڏهاڙو ملهايو ويو

اسڪول ايجوڪيشن کاتي، حڪومت سنڌ پاران ٻارن جي عالمي ڏهاڙي جي مناسبت سان ٻارن جي تعليم کي يقيني بڻائڻ جي حوالي سان هڪ تقريب ڪوٺائي وئي، اهڙي تقريب گورنمينٽ گرلز هاءِ اسڪول مير ايوب (سيمز ڪوڊ 408050248 )، نمبر ون لياري ڪراچي ۾ منعقد ڪئي وئي. تقريب کي مختلف ويهڪن ۾ ورهايو ويو. جنهن ۾ ٻارن لاءِ ٿيٽر پرفارمنس، ڪهاڻيون ٻڌائڻ، بنيادي تعليم بابت اثرائتي بحث مباحثي، ڪيريئر ڪائونسلنگ ۽ ٻارن جي تعليم حاصل ڪرڻ بابت شعور پيدا ڪرڻ شامل آهن. تقريب جو مقصد سرڪاري ۽ خانگي شعبن ۾ ٻارن لاءِ ڪم ڪندڙ تنظيمن کي ٻارن لاءِ هڪ اهڙي پليٽ فارم جوڙڻ جي ضرورت جو احساس ڏيارڻ هو ته جيئن ٻارن ۾ لکڻ ۽ پڙهڻ جي عادت پيدا ڪجيءِ انهن کي موقعو فراهم ڪجي ته اهي پنهنجي ٽئلينٽ کي ڀين آڏو ظاهر ڪن.

### سرگرميون:

- ٻارن جي حقن ۽ پاڪستان جي آئين جي (تعليم بابت) آرٽيڪل 25_A بابت سڄاڳي جي ويهڪ
- ڪهاڻيون ٻڌائڻ جي ويهڪ
- نائين ۽ ڏهين ڪلاس جي شاگردن جي ڪيريئر ڪائونسلنگ جي ويهڪ
- ابتدائي تعليم بابت ويهڪ
- رانديون ڪيڏڻ جي ويهڪ
- سائنس ۽ آرٽ
- راندين ذريعي سکڻ

### اسان جا سهڪاري

- رائيٽ ٽو پلي
- آڪسفورڊ يونيورسٽي پريس
- پاڪستان ريڊنگ پروگرام-يو ايس ايڊ
- سنڌ ريڊنگ پروگرام-يو ايس ايڊ
- راست فائونڊيشن
- چلڊرين لٽريچر فيسٽيول
- رهنما فائونڊيشن
- اسٽرينگٿنينگ پارٽيسپيٽري آرگنائيزيشن (SPO)

# يورپي يونين جي وفد جو ڪشمور_ڪنڌڪوٽ ضلعي جي سرڪاري اسڪولن جو دورو



يورپي يونين جي اسلام آباد ۾ مقرر عملي پاران هڪ وفد جي صورت ۾ ڪشمور-ڪنڌڪوٽ ضلعي جي سرڪاري اسڪولن جو دورو ڪيو ويو. گذريل سال جي آخر (نومبر 2016ع) ۾ ڄاڻايل وفد ضلعي جي ٽن سرڪاري اسڪولن جو دورو ڪري تعليمي صورتحال جو جائزو ورتو. دوري دوران سينيئر صلاحڪار صديق پٽني جي اڳواڻي ۾ وفد پاران سنڌ حڪومت جي اسڪول ايجوڪيشن کاتي جي اختيارين سان ملاقات پڻ ڪئي ۽ اسڪولن لاءِ مختص بجيٽ جي استعمال، اسڪول ۾ سهولتن جي موجودگي، جاري سڌارن ۽ انهن سڌارن جي اثر بابت خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي.

يورپي يونين جو شمار انهن اهم مالي سهڪاري ادارن ۾ ٿئي ٿو، جيڪي سنڌ ايجوڪيشن سيڪٽر پلان تي عملدرآمد لاءِ پنهنجي (مالي مدد ذريعي) حصي جو ڪردار ادا ڪري رهيا آهن. وفد جي دوري جو مقصد يورپي يونين جي سهڪار سان سنڌ ۾ جاري تعليمي سڌارن جو جائزو وٺڻ ۽ سڌارن تي عملدرآمد جي سلسلي ۾ پيش ايندڙ ڏکيائن بابت جائزو وٺڻ هو. يورپي يونين جو تعليم کاتي جي ريفام سپورٽ يونٽ سان ويجهڙائي سان سهڪار ڪري رهيو آهي، خاص طور تي تعليم کي عام ڪرڻ ۽ تعليم جي معيار جي حوالي سان اهم سهڪار رهيو آهي.

وفد پاران آر ايس يو جي اختيارين سان پنهنجي مشاهدن بابت آگاهي ڏني ۽ مستقبل ۾ وڌيڪ سڌارن بابت پڻ پنهنجا قيمتي رايا ڏنا ويا.

## غير رسمي تعليم (Non Formal Education)

### پاليسي بابت ڄاڻ

- اسڪولن کان ٻاهر ٻارن جي هنگامي بنيادن تي پرائمري ۽ پرائمري کان مٿي وارن اسڪولن ۾ داخلا ۽ سندن لاءِ فني مهارت سان ڀرپور مربوط نصاب جي فراهمي
- نوجوانن ۽ بالغن جي تعليم لاءِ سندن مقامي گهرجن کي نظر ۾ رکي پروگرام ذريعي کين تعليم سان سرشار ڪرڻ جي حڪمت عملي

هڪ اهڙو تربيتي نظام، جنهن مطابق کين اهڙين هنري صلاحيتن سان سرشار ڪيو وڃي جنهن ذريعي اهي پنهنجي تعليم کي اڳتي جاري رکڻ سان گڏوگڏ ملازمت واري عمل کي به يقيني بڻائي سگهن.

**غير رسمي تعليم جا هيٺ ڏنل پنجن ضلعن ۾ مرڪز (سينٽر) کوليا پيا وڃن**







اسڪول ايجوڪيشن کاتي جي خواندگي ۽ غير رسمي تعليم جي مرڪز (ڊائريڪٽوريٽ آف لٽريسي اينڊ نان فارمل ايجوڪيشن) پاران غير رسمي تعليم (Non-formal Education) ۽ سکيا جي متبادل طريقن واري (Alternative Learning Pathways) پاليسي 2016ع تيار ڪئي وئي آهي. اهڙي پاليسي جو مقصد اسڪولن کان ٻاهر ٻارن جي سرڪاري اسڪولن ۾ داخلا ڪرائڻ آهي ته جيئن انهن ٻارڙن کي اسڪول ويندڙ ٻارن جي صف ۾ بيهاري سگهجي. ان سان گڏوگڏ پنهنجي ابتدائي زندگي ۾ مختلف سببن جي ڪري رسمي تعليم حاصل نه ڪري سگهندڙ وڏي عمر وارن ۽ بالغن کي تعليم مهيا ڪئي پئي وڃي ته جيئن تعليم کي عام ڪري خواندگيءَ جي شرح کي وڌائي سگهجي. ساڳئي وقت پاليسي منظوري جي مرحلي ۾ آهي.

پاليسي کي مختلف ٻن گروپن ۾ ورهائي ان جا حدف مقرر ڪيا ويا آهن. جنهن تحت پهرين حصي کي پرائمري ۽ پرائمري کان مٿي اسڪولن ۾ پڙهڻ جي عمر جا اسڪولن کان ٻاهر ٻارن (جنهن جي عمر 9 سالن کان 16سال آهي) کي ورهايو ويو آهي. جڏهن ته ٻئين حصي ۾ بالغن (15 کان 29 سالن ) کي شامل ڪري سندن تعليم جي فراهمي لاءِ قدم کنيا پيا وڃن.

ضلعن ۾ غير رسمي تعليم جي مرڪز پاران ابتدائي طور سنڌ جي پنج خواندگيءَ ۾ غير رسمي تعليم جا 50 ۽ بالغن جي تعليم جا 100 سينٽر قائم ڪرڻ جي رٿابندي ڪئي وئي آهي. جنهن تحت ڄاڻايل ضلعن مان هر هڪ ضلعي ۾ غير رسمي تعليم جا 10 ۽ بالغن جي تعليم جا 20 سينٽر قائم ڪيا پيا وڃن. جڏهن ته هر هڪ سينٽر لاءِ 30 ماڻهن جي داخلا جي حساب سان هڪ سال جي عرصي دوران مجموعي طور 4500 ماڻهن جي پڙهائي لاءِ داخلا جو حدف مقرر ڪيو ويو آهي. ٻيو ته غير رسمي بنيادي تعليمي مرڪز جي قيام بابت هڪ لازمي طور شرط رکيو ويو آهي ته اهڙا سينٽر نه ته ڪنهن اسڪول ۾ کوليا ويندا ۽ نه ئي وري اهڙن سينٽرن لاءِ اسڪول کي جزوي طور استعمال ڪيو ويندو. غير رسمي بنيادي تعليم کي عام ڪرڻ جي سلسلي ۾ ڪل 2 ڪروڙ رپين تي مشتمل بجيٽ منظور ڪئي وئي آهي.



# ليا ري جي اپرندڙ رانديگرياڻي

مهرين جمع جان لياري جي گورنمينٽ گرلز هاءِ اسڪول مير ايوب (جنهن جو سيمز ڪوڊ 408050248 آهي) جي شاگردياڻي آهي، جيڪا هڪ بهادر ۽ اتساهه جو سبب بڻجندڙ ڇوڪري آهي. جنهن پنهنجي جذبي ۽ ولولي جي بنياد تي راندين جي دنيا ۾ پير رکيو آهي. هوءَ نائين ڪلاس ۾ پڙهي ٿي. هن پنهنجي عمر جي ٻاڙيسري ڇوڪرين جي خواهش جي برعڪس باڪسنگ ڪيڏڻ شروع ڪئي. جيڪو سماج ۾ ڇوڪرين لاءِ مقرر ڪيل حدن کان ٻاهر سمجهي ان کي خراب تصور ڪيو ويندو آهي.

**"آئون شروع کان وٺي راندين ۾ دلچسپي وٺندي هيس پر موقعو نه ملڻ سبب منهنجو خواب پورو نه پئي ٿي سگهيو. شروعات ۾ مون اسڪول ۾ ڪرڪيٽ کيڏڻ جي ڪوشش ڪئي ته ان وقت ماڻهو مون کي عجيب نظرن سان ڏسندا هئا ۽ مون کي هرويرو نشانو بڻائي شديد تنقيد ڪندا هئا. مون پنهنجي مٿان جي پرواهه ڪرڻ کان سواءِ پنهنجي راندين جي سرگرمين کي جاري رکيو، بلڪ ڪرڪيٽ جي دنيا کان به ٻاهر ٿيندڙ تنقيد ۽ ماڻهن جي منفي تاثر نڪري باڪسنگ کي پنهنجو پيشو بڻائي ڇڏيو!" مهرين**

مهرين وڌيڪ ٻڌايو ته سندس پيءُ هڪ فٽبالر آهي، جيڪو هڪ اتساهه جو سبب بڻيو، جنهن ڪري هوءَ هڪ باڪسر بڻجي وئي آهي. سندس چوڻ آهي ته "منهنجو بابا هڪ عظيم رانديگر ۽ هڪ شفيق پيءُ آهي، سچ پچ مون کي پنهنجي بابا تمام گهڻو متاثر ڪيو آهي." هوءَ باڪسنگ جي عالمي مقابلي ۾ حصو وٺڻ جي خواهش رکي ٿي ۽ ان لاءِ هو تمام گهڻي پرجوش آهي. مهرين پنهنجي اسڪول جي وقت کان پوءِ "ينگ لياري هيلٿ باڪسنگ ڪلب" پڻ ويندي آهي، جتي هوءَ ڪيترن ئي ڪلاڪن تائين باڪسنگ جي مشق ڪري ٿي. 6 مهينن جي مختصر عرصي ۾ هو مختلف 5 مقامي مقابلن ۾ حصو وٺي چڪي آهي، جن ۾ هوءَ هڪ چاندي جو تمغو ۽ "وننگ بيلٽ" به حاصل ڪري چڪي آهي.

مهرين "دي ريفارمر" کي ٻڌايو ته هڪ پيشوراڻي باڪسر بڻجڻ سندس هڪ خواب آهي ۽ سندس خواهش آهي ته هوءَ پنهنجي اسڪول جي قومي سطح تي ۽ پاڪستان جي عالمي سطح تي نمائندگي ڪري مهرين وڌيڪ ٻڌايو ته "آئون اولمپڪس لاءِ وڃڻ چاهيان ٿي، جتي نه رڳو مقابلن ۾ حصو وٺڻ جي خواهش آهي پر ڪامياب ٿي قوم لاءِ تمغو پڻ حاصل ڪرڻ چاهيان ٿي. انشاءَ الله آئون پاڪستان جو نالو روشن ڪنديس.

## محمد بلال احسان، هڪ غير روايتي ڪاميابي

هونئن ته اسان وٽ هڪ عام خيال اهو آهي ته جيڪي شاگرد سرڪاري اسڪولن ۾ علم پرائي رهيا آهن، اهي خانگي اسڪولن ۾ پڙهندڙ ٻارن جيئن هوشيار نه هوندا آهن پر گورنمينٽ بوائز سيڪينڊري اسڪول يونس آباد ( يوسي-4 بابا ڀٽ، ڪيماڙي ضلعو ڏکڻ) ڪراچي جي نائين درجي جي شاگرد حافظ محمد بلال احسان ڪراچي سطح جي "سيني کي چئلينج" جي عنوان سان سوالن جوابن تي ٻڌل مقابلو کٽي اهڙي خيال کي مڪمل رد ڪري ڇڏيو آهي. ڇاڪاڻ مقابلو "هيلپنگ اينڊ ٽرسٽ" پاران منعقد ڪرايو ويو.

مقابلي ۾ شرڪت لاءِ اسڪول سطح تي چونڊ واري مرحلي بابت ڳالهائيندي هن چيو ته "اسان کي اسڪول ۾ مقابلي بابت آگاهي ڏني وئي، ڪجهه شاگردن جي ٽرائيل لاءِ چونڊ ڪئي وئي. ان کان پوءِ جڏهن اسڪول جي اندر ٽرائيل ڪيو ويو ته ان وقت 6 مان 3 شاگردن جي چونڊ ڪئي وئي. جن کي 3 مختلف قسمن جي مقابلن ۾ اسڪولن جي نمائندگي لاءِ چونڊيو ويو، جڏهن ته سوالن جوابن تي ٻڌل مقابلي ۾ اسڪول جي نمائندگي لاءِ مون کي چونڊيو ويو."

### بلال، مقابلي جو سوڀارو، جيڪو سرڪاري اسڪولن ۾ پڙهندڙ سمورن شاگردن لاءِ هڪ اتساهه جو سبب بڻيل آهي

ڏکڻ ضلعي (ڪراچي) مان 14 اسڪولن جي شاگردن حصو ورتو، جنهن ۾ بلال ضلعي ۾ پهرين پوزيشن حاصل ڪئي، جنهن تي کيس "ڊسٽرڪٽ وننگ بيلٽ" جي اعزاز سان نوازيو ويو ۽ کيس مقابلي جي اڳئين رائونڊ لاءِ ڪواليفاءِ قرار ڏنو ويو.

ڪراچي جي تاج جو اعزاز ماڻڻ جي ڊوڙ ۾ سمورن ڇهن ئي ضلعن مان مقابلي ۾ حصو وٺندڙن مان بلال ئي واحد ڇوڪرو هو، جيڪو سرڪاري اسڪول جو شاگرد هو، جڏهن ته باقي سمورا ٻار خانگي اسڪولن جا






شاگرد هئا. مقابلي کي مختلف 3 ڪيٽيگرين ۾ ورهايو ويو هو، جنهن ۾ "پاڪستان جو قيام"، "اسلامي جمهوريه پاڪستان جي آئين جو جائزو" ۽ "پاڪستان جا وسيلا" شامل آهن.

**"آئون انهيءَ گمان ۾ هئس ته خانگي اسڪولن جا شاگرد مون کي آخر ۾ مقابلي کان ٻاهر ڪري ڇڏيندا پر ستت ئي اهو گمان غلط ثابت ٿيو ۽ آئون ڪامياب ٿيس": محمد بلال**

بلاول جي ڪاميابي تي پنهنجي خوشي جو اظهار ڪندي اسڪول جي هيڊ ماستر سليم الله قريشي ٻڌايو ته "اسڪول کي محمد بلال تي ناز آهي"

# ورلڊ بئنڪ جي ٽيم پاران گورنمينٽ بوائز هاءِ اسڪول چرچ مشن اسڪول جو دورو



عالمي بئنڪ جي هڪ اعليٰ سطحي وفد پاران چرچ مشن اسڪول (CMS) گورنمينٽ بوائز هائير سيڪينڊري اسڪول جو دورو ڪيو ويو. ڪراچي ۾ اسڪول جي دوري دوران ڏکڻ ايشيا لاءِ مقرر ٿيل وائيس پريزيڊنٽ انيٽ ڊڪسن، انٽرنيشنل بئنڪ آف ريڪنسٽرڪشن اينڊ ڊولپمينٽ (IBRD) ۽ انٽرنيشنل ڊولپمينٽ ايسوسيئيشن (IDA) جي چيف ايگزيڪيوٽو آفيسر ڪرسٽالينا جيورجيوا، ڊائريڪٽر اسٽريٽجي اينڊ آپريشن فرانز آر ڊريس- گراس، پاڪستان لاءِ ورلڊ بئنڪ جي مقرر ڪنٽري ڊائريڪٽر الين گوان پاچاموٿي ۽ سينيئر تعليمي ماهر عمبرين عارف شامل هئا. ٽيم کي صوبي ۾ عالمي بئنڪ جي سهڪار سان جاري سنڌ حڪومت جي مختلف تعليمي سڌارن واري عمل بابت ڄاڻ ڏني وئي.

**ڏيڍ سال جي مختصر عرصي ۾ هن تاريخي اسڪول جي ڪارڪردگي کي بهتر بڻائڻ واري عمل ۾ نمايان ڪاميابيون حاصل ڪيون آهن. هن اسڪول جي اهميت ان حوالي سان به آهي ته هتي پاڪستان جي باني قائداعظم محمد علي جناح ۽ ڪرڪيٽ جي دنيا ۾ پاڻ مڃائيندڙ حنيف محمد، جاويد مانداد ۽ هارون رشيد جهڙن ناميارا رانديڪرن به تعليم حاصل ڪئي آهي.**



سيڪريٽري اسڪول ايجوڪيشن ڪاتي پاران ٽيم کي ٻڌايو ويو ته تعليم کاتو سڄي سنڌ ۾ سڌارن ذريعي بهتر نتيجا حاصل ڪري رهيو آهي. هي اسڪول ان جو هڪ واضح مثال آهي. هن وقت صوبي ۾ تعليم جي ڪارڪردگي کي بهتر بڻائڻ لاءِ مختلف سڌاري وارا منصوبا هلي رهيا آهن. جنهن ۾ اسڪول ڪنساليڊيشن پاليسي، اسڪولن ۾ بنيادي سهوليتن جي فراهمي، استادن جي ميرٽ تي ڀرتي، ڇوڪرين لاءِ وظيفي، ڪتابن جي مفت فراهمي، اسڪولن جي ڪارڪردگي جي جائزي ۽ نگراني جي نظام سميت استادن جي تربيت کان علاوه ٻيا به ڪيترائي سڌارا هلندڙ آهن. ان کان علاوه ٽيم کي سنڌ اسڪول مانيٽرنگ سسٽم بابت پڻ آگاهه ڪيو ويو ۽ اهو ٻڌايو ويو ته هن نظام تحت صوبي ۾ تعليم جي نگراني بهتر ٿي آهي.




## سنڌ جي اسڪولن جي نگراني جو نظام

- سنڌ جي اسڪولن جي نگراني وارو نظام هڪ اهڙو سرشتو آهي، جنهن ذريعي اسڪول سطح تي ٻارن جي داخلا ۽ استادن جي موجودگي (حاضري) واري عمل سميت اسڪول جي مکيه مسئلن کي گهرائي سان چڪاسيو ويندو آهي، جنهن کان پوءِ ان جي رپورٽ پڌري ڪئي ويندي آهي.
- اسڪولن جي نگراني واري نظام ذريعي جائزو وٺڻ کان پوءِ ان جي ماهواري رپورٽ جاري ڪئي ويندي آهي، جنهن ذريعي نگراني جي رجحان کي هٿي ڏيڻ ۽ تعليمي شعبي ۾ موجود خامين جي فوري نشاندهي ڪئي ويجي ٿي.
- نگراني لاءِ مقرر ڪيل مانيٽرن کي خودمختيار بڻايو ويو آهي، جيڪي سڌو سنئون ڊائريڪٽر جنرل آڏو جوابده (رپورٽ ڪن ٿا) آهن.

## لڳاتار ڪوشش

## ڪاميابي



## اڳواڻ پيدا ڪرڻ لاءِ رستو هموار ڪرڻ

# ايندڙ نسل کي تعليم سان سرشار ڪرڻ لاءِ ڪوشان

www.facebook.com/rsueld

www.rsu-sindh-gov-pk

@rsu2014

@reformsupportunit

School Education Department
Government of Sindh

School Education Department
Government of Sindh


هي شمارو ريفارم سپورٽ يونٽ جي ڪميونڪيشن سيڪشن پاران ڇپرايو ويو آهي.

پنهنجا قيمتي رايا ۽ تجويزون اسان کي newsletterRSU @gmail.com ذريعي موڪلڻ نہ وساريندا.

ريفارم سپورٽ يونٽ
اسڪول ايجوڪيشن کاتو
حڪومت سنڌ